نور افروز خواجه

# سر ڪليات ۾ آيل اصطلاح

ٻولي انسان جي دل ۾ اظهار جو هڪ اهم وسيلو آهي. جنهن کي انسان پنهنجي مرضيءَ مطابق جوڙيو. ٻوليءَ ۾ آواز ته گهڻا ٿا ٿين. پر ان جي جوڙجڪ خاصي مونجهاري واري آهي. انهن آوازن جي مدد سان هڪ عام رواجي ذهن وارو ماڻهو به ڪيتراڻي لفظ ڳاهي ٿو.(١) ٻولي اها ئي شيءِ آهي، جيڪا انسان کي انهيءَ لائق بڻائي ٿي ته هو پاڻ جهڙن ٻين انسانن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن. ٻين جي اڳيان پنهنجي نفس جا رايا ڪولي خواهشن ۽ اميدن، خوفن ۽ خطرن جو اظهار ڪري ٿو. انهيءَ کان سواءِ انسان خود پاڻ کي سڃاڻي نٿو سگهي ۽ انهيءَ جي وسيلي هو پنهنجي ماحول جو مشاهدو ڪري سگهي ٿو.

سڄي انسان ذات جي ٻولي وهندڙ پاڻيءَ مثل آهي. وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪن ڪچري سان گڏ موتي، جواهر ۽ سپون وغيره وهندا رهندا آهن.

"سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لعل"

پوءِ اهو غواصن جو ئي ڪم آهي، جيڪي ان بحر بي ڪنار ۾ غوطا هڻي سپون سوجهي ڪڍن. اهڙيءَ طرح اسان جي سنڌي ٻولي به موتين جي کاڻ آهي، جنهن مان ادب جا جوهري، ماڻڪن، موتين ۽ ڪڪرن، پٿرن کي نکيري انهن مان اصل ماڻڪ جدا ڪري ڇاڻن.

شاهه جي رسالي جو مواد به اهڙن اصل ماڻڪن جي کاڻ آهي، جنهن سڄي کي ڪلي طرح شمار ڪرڻ ته اسان جي پهچ کان پري آهي. پر هتي انهيءَ کاڻ جي فقط هڪڙي حصي ۾ جهاتي پائي ٿا ڏسون ته هتي ڪهڙا جرڪندڙ جواهر موجود آهن، جنهن لاءِ رڳو رسالي جي شروعات

(١) الهداد ٻوهيو: "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" سنڌالاجي ص ٣٩

هاڻي شاھہ جي رسالي مان ڪلياڻ سُر مان چونڊ اصطلاح پيش ڪجن ٿا.

١. اول الله عليم، اعلي عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهہ قديم،
والي، واحد، وحدہ، رازق، رب، رحيم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

هن بيت ۾ اصطلاح آهي:
جوڙون جوڙڻ    جهان خلقڻ.
جهان جون آسونؤ اميدون پڄائڻ.

٢. جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙبائين،
خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين،
ڪلمو تہ ڪريم تي، چئو چايائين،
انا مولاڪ وانت محبوبي: اي آتائين،
ڏڪي ڏنائين، پئي سرائون سيد جي.

اصطلاح: ڏڪي ڏيڻ    سينگاري ڏيڻ.

٣. وحدہ لا شريڪ لہ، جڏهہ چيو جن،
تن ٻيو محمد ڪارڻي، هيجان ساڻ هنين،
تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪونہ اوليو.

اصطلاح: اوتڙ اولڻ    گمراهہ ٿيڻ، غلط رستو اختيار ڪرڻ.

٤. وحدہ لا شريڪ لہ، پڙهہ نہ پوڙا،
ڪم توڪنين نہ سئا، جي ڪهت اندر کهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندم سامهان.

اصطلاح: ڳوڙها ڳاڙڻ    هٿ هڻڻ، پشيمان ٿيڻ- هنجون هارڻ

٥. وحدہ لا شريڪ لہ، ايءَ وهائج ويءَ،
ڪتين جي هارائيين: هنڌ تنهنجو هيءَ،
پاٽان چواڏ پيءَ پري جام جنت جو.

اصطلاح : ويءُ وهائڻ    عادت بنائڻ، دستورالعمل ڪرڻ، وٺج يا سودو ڪرڻ.

٦. وحده لا شريڪ له ، ايءُ هيڪڙائي حق ،
ٻيائيءَ کي ٻڪ ، جن وڏو سي ورسيا .

اصطلاح : ٻيائيءَ کي ٻڪ وجهڻ    شرڪ کي ختم ڪرڻ.

٧. وحده جي وڌيا ، الا الله اڏ ڪٿا ،
محمد رسول جيڻي ، مسلمان ٿيا ،
عاشق عبداللطيف چئي ، انهين ٻيو ٻيا ،
تيلان ڏٺيءَ ڏ ٺا جيلان ويا وحدت ڳڻجي .

اصطلاح :
ٻيو ٻيڻ    رستي تي هلڻ، طريقو اختيار ڪرڻ، انهيءَ فڪر ۾ فنا ٿيڻ.

٨. وحده جي وڌيا، الا الله سين اورين،
هينئون حقيقت ڪڍيو، طريقت توريس،
معرفت جي ماڪ سين، ذيساندر ڏورين ،
سک نه ستا ڪڏهن، ويهي نه ووڙين ،
ڪلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي .

اصطلاح : سک سمهڻ    آرام حاصل ڪرڻ، بي فڪر سمهڻ

٩. پاڻئي پسي پاڻ کي، پاڻئي محبوب،
پاڻئي خلقي خوب ، پاڻئي طالب تن جو .

اصطلاح : پاڻ پسڻ    خودي پسڻ، خود کي پسڻ

١٠. پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هتا اڳهين ڪڏ ، پڌڻ ۾ پر ٿيا .

اصطلاح: وائيءَ جو ور لهڻ    ڳالهه جو بنياد يا منجهه معلوم ڪرڻ

١١. ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءُ سڀڪنهن جيءَ سين، درسن ڏار و ڏار،
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

اصطلاح : ٻار چوڻ      صفتون يا صورتون بيان ڪرڻ.

١٢.  انڌا اونڌا ويڄ، ڪل ڪچا لئــي ڪانئين،
اسان ڏکي ڏيــل ۾ ، تون ٻاريين ٻڄ ،
سوري جنين سڄ، مـــرڻ تـــن مشاهدو.

اصطلاح : مشاهدو ماڻڻ      ديدار پسڻ

١٣.  سوري آه سينگار، اکين عاشقن جـــو ،
مڙڻ، مونـــڻ مهڻون ، ٿيا نظاري نـروار ،
ڪسڻ جـــو قرار، اصـــل عاشقن جو .

اصطلاح : نظاري نروار ٿيڻ      پڌري پٽ اچڻ، ظاهر ٿيڻ

١٤.  سوريءَ چڙهڻ، سڄ پسڻ، ايءَ ڪم عاشقن،
پاهون ڪيــن پسن ، سائــو هان سامهان.

اصطلاح : سوريءَ چڙهڻ      ڦاهيءَ تي چڙهڻ، فنا ٿيڻ

١٥.  سوريءَ جي سؤ وار، ڏيهاڙئو چنگ چڙهيين،
جم ورهــي چڙيين؛ سڪــڻ جــي ٻچار ،
پرت نه پسين پــار، نينهن جتائين نگيو .

اصطلاح : چنگ چڙهڻ      سوريءَ تي چڙهڻ، نيزن تــي چڙهڻ؛ پڌرو ٿيڻ، مشهور ٿيڻ.

١٦.  جي تون سڪڻ سکيو؛ ته ڪاتيءَ ٻني م ڪنجهه؛
سپرين جي سور جو مازهن ڏجي نه منجهه؛
اندر ايءَ اهنج، سانڍج سکائـون ڪري .

اصطلاح : منجهه ڏيڻ      راز ظاهر ڪرڻ، انت ڏيڻ.
سکائون ڪرڻ      باسون باسڻ

١٧.  جان وينين تان ويهه، نه ته وئيو واٽ وانءُ تون،
هرءُ تنين جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾.

اصطلاح: واٽ وٺڻ — رستو اختيار ڪرڻ. روانو ٿيڻ. هليو وڃڻ

١٨. ڪاتي جن ڳري، مان لنئون لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري،
آڏيءَ سر ڌري، مان ڪهنهون سپرين.

اصطلاح: لنئون لڳڻ — عشق ٿيڻ
پير پري وڃڻ — پٺ ڪري وڃڻ. ڀاڄ لنگهي وڃڻ

١٩. اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ نه پوين قبول ۾، مڇڻ ڀاڃين ڪوٽ،
متا مهاين جا، پيا نه ڏسين پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ؛ ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

اصطلاح: سر سنباهڻ — ظاهر ٿي اچڻ. قربانيءَ لاءِ تياري ڪرڻ

٢٠. جي اٿئي مڏ سرڪ جي؛ ته ونءُ ڪلاڙڪي هٽ؛
لاهي رک لطيف چئي؛ مٿو ماني وٽ؛
سر ڏيئي ۾ سٽ؛ پيج ڪي پيالون.

اصطلاح: سر سٽ ۾ ڏيڻ — سر عيوض ۾ ڏيڻ. بدلي ۾ ڏيڻ

٢١. ناٿي ڪاهه ڪڪوه؛ ڪين ملهه مهانگو منڌ؛
سنباهج سيد چئي؛ ڪاٽڻ ڪارڻ ڪنڌ؛
هيءُ تنهين جو هنڌ؛ مٿن پاس مرن جي.

اصطلاح: ڪنڌ ڪاٽڻ — قربان ڪرڻ. سر ويڙهڻ

٢٢. عاشق زهر پياڪ؛ وه پسيو وهسن ڪهٿو؛
ڪڙي ۾ قاتل جا؛ هميشه هيراڪ؛
لڳين لنئون لطيف چئي؛ فنا ڪيا فراق؛
توڻي چکن چاڪ، ته به آه نه سلن عام ڪي.

اصطلاح: وه پسي وهسڻ — زهر ڏسي خوش ٿيڻ
آه سلڻ — راز ظاهر ڪرڻ. درد جو احوال ٻڌائڻ
هيراڪ هئڻ — عادتي هجڻ

۰۲۳ ھ ڪر سڌ شراب جي جي تون ناريين نوھ،
پوتي جنھن پاسي ٿئي، منجھان رڳـن روح،
ڪاني ڇڪ ڪـڪوھ، لاھي سر لطيف چئي.

اصطلاح : سڌ ڪرڻ خواھش ڪرڻ
سر لاھـڻ سر وڍي ڏيڻ

۰۲۴ سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳـ جنين جا ديڳـ ۾،
سي مرڪن ٻچار، ھڪيا جن جي ھٽ ۾.

اصطلاح : ٻچار ڪرڻ ذڪر ڪرڻ۔ خيال ڏيڪارڻ

۰۲۵ سائـر صحبت سپرين ، آھـــي نـــہ آزار،
مجلس وبـر منو ٿئي، ڪوليندين تھار ،
خنجر تنھن خوب ھٿي، جنھن سين ٿئي يار ،
صاحب رب ستار، سوجھي رڳون ساھ جون.

اصطلاح : منو ٿيڻ مٺي رھاڻ ڪرڻ۔ مٺي گفتگو ڪرڻ.

۰۲۶ سونـــي راہ رد ڪري، سونـــي رھنما،
و تعز مـــن تشاءُ و تـــذل مـــن تشاءُ ،

اصطلاح : راھہ رد ڪرڻ غضب نازل ڪرڻ۔ گمراھہ ڪرڻ

۰۲۷ پر ۾ پچيائون، عشق جـــي اسباب ڪـــي،
دارون ھـــن درد جو، ڏاڍو ڏسيائـــون،
آخـــر و العصر جـــو ، اينھيـــن اتائون ،
تھان پوءِ آئون، ســـڪان تي سلام ڪي .

اصطلاح : پر ۾ پڇڻ ڪن ۾ پڇڻ۔ ڪنڌ ۾ پڇڻ۔ ڳجھو پڇڻ.

۰۲۸ پريـــان سندي پسار جـــي، مڙئي مٺانـــي ،
ڪانھي ڪڙائي ، چکين جي چيت ڪري.

اصطلاح : چيت ڪري ھوش رکڻ۔ ڌيان ڌارڻ۔ شوق لڳائڻ

٢٩ ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سي ئي ساهه مهن، سي ئي راحت روح جي.

اصطلاح: ڪر لهڻ    ياد ڪرڻ- خبر چار وٺڻ

٣٠. ڪهن ۽ ڪولين، ايءَ سندي سڄڻين؛
سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنب ڏيهاڻي ڏين،
وينا ورهه ونين؛ آءٌ واڍوڙيا وهـــاه تون.

اصطلاح: ڏنب ڏيڻ    تڪليف يا عذاب ڏيڻ- برباد ڪرڻ
ورهه ونڻ    وڇوڙو ورهائڻ

واٽي ٣١. ٽيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو،
ٻڪي ڏيندم ٻاجهه جي، اڇي شال عجيب؛
ڏڪندو سيو ٿي ڏورڪيو؛ منجهئون تن طبيب.

اصطلاح: ٻڪي ڏيڻ    ستي ڏيڻ؛ دوا ڏيڻ
ڏور ڪرڻ    ختم ڪرڻ ۽ درد دفع ڪرڻ

مددي ڪتاب:

(١) علامه آء- آء- قاضي؛ "شاهه جو رسالو"
(٢) غلام محمد شاهواڻي؛ "شاهه جو رسالو"